



# اسلامي پردو

## (سوال جواب طور)

سنڌي

چادر ۽ چار ديواري جي تعليم ڪنهن ڏني؟

ڇا اسلامي پردو ترقي ۾ رڪاوٽ آهي

حضرت بي بي فاطمه رَضِیَ اللہُ عَنْهَا جي ڪفن جو به پردو! (واقعو)

”عورت جي آزادي“ جو نعرو لڳائڻ وارن کان بچو

ڇا پرديدار ڇوڪري جي شادي ناهي ٿيندي؟


شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ **اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: اسلامي پردو

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبۃ المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبۃ المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جو رسالو

# اسلامي پردو

## (سوال جواب)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اسلامي پردو

## (سوال جواب)

ياربّ المصطفٰي! جيڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ مڪمل رسالو "اسلامي پردو(سوالاً جوابًا)" پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي شرم ۽ حيا جي خزاني کان مالا مال ڪر ۽ بي حساب مغفرت سان مشرف فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## بيبي عائشہ جي سوئي (واقعو)

اُمُّ المؤمِنين(يعني تمام مسلمانن جي امڙ سائڻ) حضرتِ بيبي عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سَحري جي وَقت ڪجهہ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ بہ وسامي ويو. ايتري ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سجو گهر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي بہ ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين رَضِيَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي! سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: "وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يَرَانِي يَوْمَ الْقِيامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن ڏسي نہ سگهندو." عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن ڏسي نہ سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل(يعني ڪنجوس) آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا يُصَلِّ عَلَیَّ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِی. يعني جنهن منهنجو نالو

ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو.

(القول البديع، ص 302 شرف المصطفي ج 2 ص 103)

سُوزنِ گَمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے	شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

الفاظ ۽ معنٰي: سُوزن: سوئي. گمشده: وڃايل. تبسُّم: مسڪراهٽ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب	صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## لباس جي ڌاڳي جي برڪت(واقعو)

**سُوال:** اسلامي پردو ڪرڻ واري ڪنهن بزرگ خاتون جو واقعو ٻڌايو جو ايمان تازو ٿي وڃي.

هڪ ڀيري دهلي ۾ سخت ڏُڪار(يعني مسلسل مينهن نہ وسڻ ڪري اَناج جي پيداوار ۾ گهٽتائي) اچي وئي، ماڻهن جي گهڻين دعائن جي باوجود بارش نہ ٿي. حضرت نظام الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي **ڪپڙي جو هڪ ڌاڳو** هٿ ۾ ڪٽي عرض ڪيو: ”ياالله! هي اُن عورت جي **دامن جو ڌاڳو** آهي جنهن (عورت) تي ڪڏهن ڪنهن نامَحرم جي نظر نہ پئي، منهنجا مولا! انهيءَ جي ئي صدقي رحمت جو مينهن وساءِ! اجا دعا ختم بہ نہ ٿي هئي تہ رحمت جا ڪَڪَر ڇائنجي ويا ۽ ميهن وسڻ شروع ٿي ويو.

(اخبار الاخيار، ص۲۹۴)

الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب	صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# چادرءِ چار ديواري جي تعليم ڪنهن ڏني

سُوال: ڪجھ ماڻھو چون ٿا تہ عالم سگهڙ عورتن کي”چار ديواري“ ۾ ويهارڻ چاهن ٿا!

جواب: هن ۾ عالمن جو پنھنجو ڪو ذاتي فائدو ناهي، هي دنيا جي ڪنهن عالمِ دين جو نہ بلڪ خود رب العٰلمين جو سورة الاحزاب آيت نمبر 33 ۾ فرمانِ عاليشان آهي:

وَقَرْنَ فِیْ بُیُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِیَّةِ الْاُوْلٰى
(پ 22 الاحزاب 33)

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ پنھنجي گھرن ۾ ويٺيون رهو ۽ اڳوڻي جاهليت جي بي پردگيءَ جيان بي پرده نہ رهو.

”تفسيرصراط الجنان“ جلد 8 صفحي 19 تي هن مبارڪ آيت جي تفسير ۾ آهي: يعني اي منهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون گھرواريون! توهان پنھنجي گھرن ۾ پيون رهو(۽ شرعي اجازت کان بغير گھرن مان ٻاهر نہ نڪرو) ياد رهي تہ هن آيت ۾ خطاب توڙي جو اَزْواجِ مُطهّرات (يعني اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بيبين) رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ سان آهي پر هن حڪم ۾ ٻيون عورتون بہ داخل آهن.

(روح البيان جلد 7 ص 70)

# خدا جو قسم! ٻيھر گھران نہ نڪرنديس (واقعو)

اَزْواجِ مُطهّرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ هن حڪمِ الٰهي تي ڪيتري حد تائين عمل ڪيو، اُن جي هڪ جھلڪ ڏسو. جيئن تہ امام محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي ٻڌايو ويو تہ اُمُّ المؤمِنين حضرت سَودَه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي چيو ويو: اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو اوهان نہ حج ٿيون ڪيو ۽ نہ عمرو؟ انهن جواب ڏنو: مون حج بہ ڪيو آهي ۽ عمرو بہ ڪيو

آهي ۽ الله پاڪ مون کي حڪم ڏنو آهي تہ مان گهر ۾ رهان، الله پاڪ جو قسم! مان ٻيهر گهران نہ نڪرنديس. راوِي[1] جو بيان آهي تہ الله جو قسم! **هُو پنهنجي دروازي کان ٻاهر نہ آيون ايستائين جو اتان کين جنازو ئي نڪتو.** (تفسير ثعلبي، ج: 8، ص: 34، تفسير در منثور، ج: 6، ص: 599)

الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

كاش! هن واقعي مان اهي عورتون بہ درس حاصل ڪن، جيڪي بازار وغيره ۾ ماڻهن جي رش اندر ۽ طواف ۽ سعي وغيره ۾ نهايت بي خوف ٿي مردن جي هجوم ۾ داخل ٿي وينديون آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا اڄڪلهہ پردو ضروري ناهي؟

**سُوال:** ”اڄڪلهہ پردو ضروري ناهي.“ ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** هن طرح چوڻ نهايت سخت ڳالهہ آهي. هن قسم جي لفظن مان مطلقًا(يعني يقيني ۽ پورو پورو) پردي جي فرض هجڻ جي انڪار جو اظهار ٿئي ٿو ۽ مطلقًا پردي جي فرض هجڻ جو انڪار ڪفر آهي، البت جيڪڏهن ڪو پردي کي فرض تہ مڃي ٿو پر پردي جي ڪنهن خاص نوعيت (يعني مخصوص طرز) جو انڪار ڪري ٿو جنهن جو تعلق قَطۡعيّاتِ دين کان ناهي تہ پوءِ ڪفر جو حڪم ناهي.

[1] هن واقعي کي بيان ڪري ٻڌائڻ وارو

# پٽ وڃايو آهي حياءُ ناهي وڃايو (واقعو)

حضرت بي بي اُمِّ خلّاد رَضِیَ اللہُ عَنْھَا جو پٽ جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْھَا اُن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ چهري تي نقاب وجهي باپرده بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيون، ان تي ڪنهن حيرت مان چيو: هِن وقت به اوهان چهري تي نقاب وجهي رکيو آهي! چوڻ لڳيون: مون پٽ ضرور وڃايو آهي، حياءُ ناهي وڃايو. (ابو داؤد، ج: 3، ص: 9، حديث: 2488) اللّٰه پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

سبحٰن اللّٰه! اللّٰه پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صحابيه جي هن واقعي مان هي سکڻ جي لاءِ مليو ته اسان وٽ شادي يا غم جون تقريبون هجن يا بيماري جا حالات هجن يا ميت جا معاملا، هر موقعي تي اللّٰه پاڪ جي پياري پياري سيني کان آخري نبي، مکي مدني محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي احڪامن تي عمل ڪندي اسلامي پردي جو پورو پورو خيال رکڻ ضروري آهي، شيطان لک مجبوريون ذهن ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪري، اسلامي ڀينرون هرگز شريعت ۽ سنت جو دامن نه ڇڏين.

سرور دیں! لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطان سیّدا! کب تک دباتے جائیں گے

(حدائقِ بخشش، ص 157)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڇا دل جو پردو ڪافي آهي

سُوال: ڪجھ عورتون چون ٿيون: **”فقط دل جو پردو هجڻ گھرجي“** هن جي ڪهڙي حقيقت آهي؟

جواب: هي شيطان جو تمام وڏو ۽ برو وار آهي ۽ هن ناپاڪ قول ۾ هن قرآني آيتن جي انڪار جو پهلو آهي جن ۾ ظاهري جسم کي پردي ۾ لڪائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، مثال طور سيپاري 22 سورة الاحزاب آيت 33 ۾ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ قَرْنَ فِیْ بُیُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِیَّةِ الْاُوْلٰى (پ 22 الاحزاب 33) | **ترجموڪنزالعرفان:** ۽ پنهنجي گھرن ۾ وينيون رهو ۽ اڳوڻي جاهليت جي بي پردگيءَ جيان بي پرده نہ رهو. |

انهيءَ سورت جي آيت 59 ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| یٰۤاَیُّهَا النَّبِیُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَ بَنٰتِكَ وَ نِسَآءِ الْمُؤْمِنِیْنَ یُدْنِیْنَ عَلَیْهِنَّ مِنْ جَلَابِیْبِهِنَّؕ (پ: 22، الاحزاب: 59) | **ترجموڪنزالعرفان:** اي نبي! پنهنجي بيبين ۽ پنهنجي نياڻين ۽ مسلمانن جي عورتن کي فرماءِ تہ پنهنجن چادرن جو هڪ حصو پنهنجي مٿان ويڙهي رکن، |

سيپاري 18 سورة النور جي آيت 31 ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| لَا یُبْدِیْنَ زِیْنَتَهُنَّ (پ: 22، الاحزاب: 59) | **ترجموڪنزالعرفان:** ۽ پنهنجو سينگار نہ ڏيکارين. |

**جيڪو جسم جي پردي جو ئي انڪار ڪري ۽ چئي تہ ”صرف دل جو پردو هجڻ گھرجي“ ان جو ايمان ويندو رهيو.** پر ائين چوڻ (يعني

ڪافره مرتدّه ٿي وڃڻ) جي باوجود نڪاح ڪان نہ نڪتي، ۽ نہ ئي ان جي لاءِ جائز آهي تہ اسلام قبول ڪرڻ ڪان بعد ڪنهن ٻئي سان نڪاح ڪري، ها (چوتہ اها پنهنجي ارتداد يعني ايمان برباد ٿي وڃڻ جي سبب پنهنجي مڙس تي حرام ٿي چڪي آهي تنهنڪري) اسلام قبول ڪرڻ ڪان بعد انهيءَ مڙس ئي سان تجديدِ نڪاح(يعني نئين سر نڪاح ڪرڻ) تي مجبور ڪئي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن جي مريدياڻي هئي تہ ان جي بيعت بہ ٽٽي وئي اسلام قبول ڪرڻ ڪان بعد جيڪڏهن مريد ٿيڻ چاهي ٿي تہ پهرين واري پير صاحب سان بيعت ڪرڻ ضروري ناهي ڪنهن بہ جامع شرائط (يعني مرشد ٻڻجڻ جي لائق) پير سان بيعت ٿي سگهي ٿي. البت جيڪڏهن ڪو پردي جي فرض هجڻ ڪي مڃي پر پردي جي ڪنهن اهڙي خاص نوعيت(يعني مخصوص طَرز) جو انڪار ڪري جنهن جو تعلق قَطعيّاتِ دين ڪان ناهي تہ پوءِ ڪفر جو حڪم ناهي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تجديد ايمان جو طريقو

**سُوال:** تجديدِ ايمان (يعني نئين سر ايمان آڻڻ) جو طريقو ٻڌايو.

**جواب:** جنهن ڪفر سان توبهہ ڪرڻي آهي اها توبهہ انهيءَ وقت مقبول ٿيندي جڏهن تہ اهو ان ڪفر ڪي ڪفر تسليم ڪندو هجي ۽ دل ۾ ان ڪفر ڪان نفرت ۽ بيزاري جو بہ اظهار هجي، جيڪو ڪفر نڪتو توبهہ ۾ ان جو تذڪرو بہ هجي. مثال طور جنهن جسم جي پردي جو مڪمل انڪار ڪندي(يا ذهن ۾ رکندي) چيو: **”صرف دل جو**

**پردو هوندو آهي“** اهو هن ريت چوي: يااللّٰه پاڪ! مون جيڪو اهو چيو ته ”**صرف دل جو پردو هوندو آهي.**“ مان هن ڪفر کان توبهه ڪيان ٿو(يا ڪيان) ٿي. مان گواهي ڏيان ٿو(يا ڏيان) ٿي ” لَآاِلٰـهَ اِلَّا الـلّٰـهُ مُـحَـمَّـدٌ رَّسُوۡلُ الـلّٰـه (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اللّٰه پاڪ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اللّٰه پاڪ جا رسول آهن)“ هن ريت مخصوص ڪفر سان توبهه ٿي وئي ۽ تجديد ايمان (يعني نئين سر ايمان آڻڻ) به. جيڪڏهن معاذاللّٰه ڪيئي ڪفريات بڪيا هجن ۽ ياد نه هجن ته چا چا بڪيو هيو ته هيئن چوي:”**يااللّٰه پاڪ! مون کان جيڪي جيڪي ڪفريات نڪتا آهن مان انهن کان توبهه ڪيان ٿو.**“ پوءِ ڪلمو پڙهي وني. (جيڪڏهن ڪلمي شريف جو ترجمو خبر آهي ته زبان سان ڪلمو ورجهائڻ جي حاجت ناهي) جيڪڏهن اها خبر به ناهي ته ڪفر بڪيو به آهي يا نه تڏهن به جيڪڏهن احتياطي توبهه ڪرڻ چاهيو ته هن طرح چئو: ”**يااللّٰه پاڪ!جيڪڏهن مون کان ڪو ڪفر ٿي ويو هجي ته مان ان کان توبهه ٿو ڪيان.**“ اهو چوڻ کان بعد ڪلمو پڙهي ونو.

## تجديد نڪاح جو طريقو

سُوال: تجديد نڪاح ڪيئن ڪيو وڃي.

جواب: تجديدِ نڪاح جي معنٰي آهي:”نئين مهر سان نئون نڪاح ڪرڻ.“ هن لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ضروري ناهي. نڪاح نالو آهي ايجاب ۽ قبول جو. ها نڪاح وقت گواهه طور گهٽ ۾ گهٽ به مرد مسلمان يا هڪ مرد مسلمان ۽ ٻه مسلمان عورتن جو حاضر هجڻ لازمي آهي. نڪاح جو خطبو شرط ناهي بلڪ مستحب آهي. خطبو ياد نه هجي ته اَعُوۡذُ بِاللّٰه ۽ بِسمِ الله شريف کان بعد سورة فاتِحه به پڙهي

سگھو ٿا. گھٽ ۾ گھٽ ڏھ درھم يعني ٻہ تولا ساڍا ست ماشہ چاندي(موجوده وزن جي حساب سان 30 گرام 618 ملي گرام چاندي) يا ان جي **رقم مهر** واجب آهي. مثال طور اوهان پاڪستاني 1200 روپيا اوڏر مهر جي نيت ڪئي آهي(پر اهو ڏسي ونو تہ مهر مقرر ڪندي وقت بيان ڪيل چاندي جي قيمت 1200 پاڪستاني روپين کان وڌيڪ تہ ناهن) تہ هاڻي ذڪر ڪيل گواهن جي موجودگي ۾ اوهان ”ايجاب“ ڪيو يعني عورت کي چئو: مون 1200 پاڪستاني روپيا مهر جي بدلي توکان نڪاح ڪيو.“ عورت چئي: ”مون قبول ڪيو.“ اهو بہ ٿي سگھي ٿو تہ عورت ئي خطبو يا سورت فاتحہ پڙهي ڪري”ايجاب“ ڪري ۽ مرد چئي:”مون قبول ڪيو“ نڪاح ٿي ويو. نڪاح کان بعد جيڪڏهن عورت چاهي تہ مهر معاف بہ ڪري سگھي ٿي. پر مرد بغير شرعي حاجت جي عورت کان مهر معاف ڪرڻ جو سوال نہ ڪري. ياد رهي! نڪاح باقي رهندي انهيءَ گھرواري سان رڳو احتياطي نڪاح ڪرڻ ۾ مهر واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. ”بهارشريعت“ ۾ آهي: جيڪڏهن رڳو احتياطي طور تجديد نڪاح ڪيو تہ بيهر نڪاح جو مهر واجب نہ ٿيو.

(بهارِ شريعت، ج: 2، ص: 67)

## دل درست هجي ها تہ ظاهر بہ درست ٿي وڃي ها

حقيقت تہ اها آهي جو انسان جو **”ظاهر“** ان جي دل جي نمائندگي ڪندو آهي، دل چڱي هوندي تہ ان جو اثر خارج ۾(يعني ٻاهر) بہ ظاهر ٿيندو، تنهنڪري پردو اها ڪندي جنهن جي دل چڱي ۽ الله جي اطاعت جي طرف مائل هوندي.

جيئن منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”اهو خيال تہ باطن

(يعني دل) صاف هجڻ گهرجي، ظاهر کھڙو بہ هجي بلڪل باطل آهي. حديث ۾ فرمايو تہ ان جي دل صحيح هجي ها تہ ظاهر پاڻ (يعني خود ئي) صحيح ٿي وڃي ها.“

(فتاوىٰ رضويه ج 22 ص 605)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غير مرد ۽ عورت جو هٿ ملائڻ

**سُوال:** نامَحرَم مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ هٿ ملائڻ ڪيئن
**جواب:** ٻئي گنهگار ۽ باهہ جي عذاب جا حقدار آهن. حضرت فقِيہ ابواللّيث سمرقندي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه نقل فرمائن ٿا: ”دنيا ۾ غير عورت سان هٿ ملائڻ وارو قيامت جي ڏينهن ان حال ۾ ايندو جو اُن جا هٿ اُن جي ڪنڌ ۾ باهہ جي زنجيرن سان ٻڌل هوندا.“

(قرة العيون مع روض الفائق ص 389)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مٿي ۾ لوهہ جي ڪِلي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”توهان مان ڪنهن جي مٿي ۾ لوهہ جي ڪِلي نوڪي وجھڻ ان ڪان بهتر آهي جو هُو ڪنهن اهڙي عورت کي ڇُهي جيڪا ان جي لاءِ حلال ناهي.“

(المعجم الكبير ج 20 ص 211 حديث 486)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اجنبي ۽ اَجْنَبِيَّ ڪنهن کي چوندا آهن؟

**سُوال:** اجنبي ۽ اَجْنَبِيَّ ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** هر اهو مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جي حق ۾ اجنبي ۽ اَجْنَبِيّہ چورائيندا آهن جن جو پاڻ ۾ نڪاح هميشه جي لاءِ حرام نہ هجي. اهڙي مرد کي نامَحرَم يا غير مرد ۽ اهڙي عورت کي نا مَحْرَمَہ يا غير عورت بہ چوندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دنيا گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي!

**سوال:** ڪجھ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ دنيا گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي، پردي جي معاملي ۾ ايتري قدر سختي نہ ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** الله پاڪ جي سيني کان آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو کو بہ حڪم اهڙو ناهي جيڪو مسلمان تي اُن جي طاقت کان وڌيڪ هجي، جيئن تہ سيپاري 3 سورةُ البقره جي آيت نمبر 286 ۾ الله پاڪ جو فرمانِ عاليشان آهي:

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ

**ترجموڪنزالعرفان:** الله ڪنهن ساهہ تي ان جي طاقت جي برابر ئي بار وجهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا اسلامي پردو ترقي ۾ رڪاوٽ آهي

**سوال:** ڪجھ ماڻهو چوندا آهن، غير مسلم تمام اڳتي نڪري چڪا آهن، پردي تي سختي مسلمانن جي ترقي ۾ رڪاوٽ آهي!

**جواب:** خدا پاڪ جي پناھ! جيڪڏھن سچ پڇو تہ مسلمانن جي ترقي ۾ رُڪاوٽ پردو نہ بلڪ بي پردگي آھي! جي ھا، جيستائين مسلمانن ۾ شرم و حيا ۽ پردي جو رواج رهيو تيستائين اُھي تمام گھڻي ڪاميابي حاصل ڪندا رهيا، ايتري تائين جو دنيا جي بيشمار ملڪن تي اسلام جو جھنڊو ڦڙڪڻ لڳو، پرديدار مائرن وڏن وڏن بهادر جرنيلن ۽ سپہ سالارن، عظيم حڪمرانن، علماءِ ربانين ۽ اولياءِ ڪاملين کي جنم ڏنو، تمام اُمّهاتُ المؤمنين ۽ سيّدالمرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون تمام صحابياڻيون رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ باپرده هيون، حسنين ڪريمين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي والده **جنّت جي عورتن جي سردار بيبي فاطمہ** رَضِیَ اللهُ عَنْهَا باپرده هيون، سرڪار بغداد حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پياري امڙ سائڻ اُمُّ الخير فاطمہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا باپرده هيون، مطلب تہ جيستائين پردو قائم هو ۽ پاڪ بيبيون چادر ۽ چؤديواري جي اندر هيون، مسلمانَ خوب ترقي جون منزلون طئي ڪندا رهيا، افسوس! اج جو نادان مسلمان T.V، V.C.R ۽ YOUTUBE تي فلمون ڊراما هلائي، بيهوده فلمي گانا جھونگاري، شادين ۾ ڊانس جون محفلون جمائي، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي ڪوڙائي يا هڪ مٺ کان گھٽائي ڪري، خلافِ سنت لباس بدن تي پائي، اسڪوٽر جي پويان بي پرده گھرواريءَ کي ويهاري، ميڪ اپ ڪرائي بيپرده گھر واريءَ کي مردن ۽ عورتن جي گڏيل تفريح گاھ (Amusement Park) ۾ وٺي، پنهنجي اولاد کي دنياوي تعليم جي خاطر غير مسلمن جي حوالي ڪرائي، خبر ناهي کهڙي قِسم جي ترقيءَ جي ڳولا ۾ آهي!

بے پردہ کل جو آئیں نظر چند بیبیاں
اکبرؔ زمیں میں غیرتِ قومی سے گڑ گیا

پوچھا جو اُن سے آپ کا پردہ وہ کیا ہوا؟
کہنے لگیں: وہ عقل پہ مردوں کی پڑ گیا

(اکبرؔ اله آبادي)

## حقيقت ۾ ڪامياب ڪير؟

افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄ گهڻا مسلمان ڪوڙ، غيبت، تهمت، خيانت، زِنا، شراب، جُوا، فلمون، ڊراما ڏسڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره ٻڌڻ جا گناه لاپرواهي سان ڪندا پيا وڃن، اڪثر مسلمان عورتن، **مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي** هلڻ جي ڌُن ۾ حياءُ جي چادر لاهي اُڇلائي ڇڏي آهي ۽ هاڻي، پرڪشش ساڙهين، اڌ اگهاڙن غرارن، مردانہ لباس جيان ۽ مردن وانگر وار رکي شادي هالن، تفريح گاهن، هوٽلن، ۽ نائٽ ڪلبن وغيره ۾ پنهنجي آخرت برباد ڪرڻ ۾ مشغول آهن. **خدا جو قسم!** هن طريقي ۾ نہ ترقي آهي نہ ڪاميابي. ترقي ۽ ڪاميابي صرف ۽ صرف **اللّٰه** پاڪ ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندي هِن مختصر زندگيءَ کي سنتن جي مطابق گذاري ايمان سلامت کڻي قبر ۾ وڃڻ ۽ جهنم جي خوفناڪ عذاب کان بچي جنّتُ الفِردوس ماڻڻ ۾ آهي، جيئن تہ سيپاري 4 سورة آل عمران جي آيت نمبر 185 ۾ خداءِ رحمٰن جو ارشاد آهي:

فَمَنۡ زُحۡزِحَ عَنِ النَّارِ وَاُدۡخِلَ الۡجَنَّةَ فَقَدۡ فَازَ ؕ

**ترجموڪنزالعرفان:** پوءِ جنهن کي باهہ کان بچايو ويو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويو تہ اهو ڪامياب ٿي ويو.

## جهنم ۾ عورتن جي ڪثرت

عورتن ۾ بي پردگي ۽ گناهن جي ڪثرت ٿيڻ انتهائي تشويشناڪ آهي، خدا جو قسم! جهنم جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو.”صحيح مسلم“ ۾ آهي: حضور نبيءِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجن جو فرمان آهي: مون جهنم ۾ ملاحظ فرمايو تہ **جهنم ۾ عورتون وڌيڪ آهن.**

(مُسلِم، ص: 1123، حديث: 6938)

”مِرآت شريف“ ۾ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ آهي: هن جي وجهه اها بيان ڪئي وئي ته عورتون ناشڪري ڪرڻ واريون (۽) بي صبريون زياده آهن، عورت بگڙي ڪري سڄي گهر کي بگاڙي ڇڏيندي آهي ۽ چڱي ٿي ڪري سڄي گهر کي سنواري ڇڏيندي آهي، ٻار جو پهريون مدرسو ماءُ جي هنج آهي.

(مرآت، ج: 7، ص: 60)

## مڙس جي نافرمان زال جهنمي آهي

”بخاري شريف“ ۾ آهي: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”مون جهنم ۾ گهڻي تعداد عورتن جي ڏٺي.“ ته صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جو ڪهڙو سبب آهي جو عورتون گهڻي تعداد ۾ جهنمي ٿي ويون؟ ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ”هن جو سبب هيءُ آهي ته عورتون مڙس جي ناشڪري ۽ احسان فراموشي ڪنديون رهنديون آهن، جيڪڏهن توهان انهن(يعني عورتن) سان سڄي عمر تائين ڀلائي ڪيو، پوءِ (اهي) توهان جي طرف ڪان ڪا ٿوري ڳالهه ڏسي ونن ته(مڙس کي) چون ته مون توهان کان ڪڏهن ڀلائي ناهي ڏٺي.“

(بخاري ج 3 ص463 حديث 5197 ملخّصًا)

اي اسلامي ڀينڻ ڪن ڌئي ٻڌا!

حیا ہے آنکھ میں باقی نہ دل میں خوفِ خدا
بہت دنوں سے نظامِ حیات ہے برہم

وہی ہے راہ ترے عزم و شوق کی منزل
جہاں ہیں عائشہ و فاطِمہ کے نقشِ قدم

تری حیات ہے کردارِ رابعہ بصری
ترے فسانے کا موضوع عِصمتِ مریم

## بي غيرتي جي انتهاء

**غير مسلمن جي ”اَجائي ترقي“** جي ريس ڪندي بي پردگي ۽ بي حيائي جو بازار گرم ڪرڻ وارا ٿورو غور ته ڪن! **يورپ، آمريڪا** ۽ انهن کان متاثر ٿيڻ وارن ملڪن ۾ چا ٿي رهيو آهي! رقص گاهن ۾ ماڻهو پنهنجي اڪين سان پنهنجي ننهن ڌيئرن کي بين سان گڏ ڏسن ٿا ۽ بلڪل غيرت نه ٿا کائن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته اهي فخر سان آڪڙ ڪندي داد ڏئي رهيا هوندا آهن! بي پرده ۽ فيشن ايبل عورتن جي باري ۾ حيا سوز خبرون اڪثر ڪري اخبارن ۾ ڇپجنديون آهن.

## ستر هزار(70،000)”غيرقانوني ٻار“

**ٻئي** جنگ عظيم ۾ هڪ غير اسلامي ملڪ جا سپاهي پنهنجي دوست هڪ غير اسلامي ملڪ جي مدد جي ناليِ تي ڪجھ سال انهي ملڪ ۾ رهيا ۽ خوب ”برا ڪم ڪيائون“ جڏهن ويا ته سرڪاري انگن اکرن جي مطابق ستر هزار (70،000) حرامي **”ٻار“** ڇڏي ويا! ڪجھ غير اسلامي ملڪن ۾ ڪيئي سال پراڻي سروي جي مطابق ”غيرقانوني“ ٻارن جي پيدائش جي شرح سٺ سيڪڙو ڪان به وڌي وئي آهي ۽ ”ڪنواري مائرن“ جي تعداد ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي رهيو آهي! طلاقن جي ڪثرت آهي، گهرن ۾ سڪون جي دولت نٿي ملي. زال مڙس ۾ اعتماد موجود ناهي، زال مڙس ۾ سچي محبت ناهي رهي، برداشت ۽ ايثار جو جذبو ختم ٿي چڪو آهي. ڪا ڳالھ ڪنهن جي مرضي جي خلاف ٿي وئي ته جهٽ **طلاق** ورتي ويندي آهي. غور فرمايو! زال مڙس جي ذهني هم آهنگي (يعني هڪ راءِ هجڻ) جيڪا معاشري جي خشتِ اول (يعني

بنيادي ايڪو) آهي ۽ محڪم اساس (يعني مضبوط بنياد) بہ اها ئي آهي جو جنهن تي معاشري جو محل تعمير ڪري سگهجي ٿو، جيڪڏهن اهو بنياد ئي ڪمزور هوندو تہ صحت مند معاشرو ڪيئن تعمير ٿيندو؟

اَلْحَمْدُلله اسلام جن شين جي ادائيگي جو حڪم ڏنو آهي انهن ۾ اسان جو ئي پلو آهي ۽ جن شين کان روڪيو آهي انهن کي ڪرڻ ۾ اسان جو نقصان ئي نقصان آهي. هي دين هميشہ جي لاءِ آهي ان لاءِ ڪو اهڙو وقت نٿو اچي سگهي جو ان جون حرام ڪيل شيون حلال ٿي وڃن ۽ انهن تي مرتب ٿيڻ وارا نقصان ختم ٿي وڃن.

اٹھا کر پھینک دے اللہ کے بندے
نئی تہذیب کے انڈے ہیں گندے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسلامي پردو ڪرڻ ۾ گهٻراهٽ ٿيندي هجي تہ......

**سوال:** ماحول تمام ايڊوانس ۽ فيشن پرستي عام آهي، اسلامي پردو ڪندي گهٻراهٽ محسوس ٿئي ٿي تہ ڇا ڪيو وڃي؟

**جواب:** اسلامي پردو نہ ڇڏيو وڃي ڇوتہ اها عظيم نيڪي آهي ۽ بي پردگي سخت گناهہ آهي. پردي ڪرڻ ۾ جيتري تڪليف گهٽي هوندي اوترو ئي ثواب بہ اِنْ شَآءَ الله گهڻو ملندو، منقول آهي: اَفْضَلُ الْعِبادَاتِ اَحْمَزُها يعني "افضل ترين عبادت اُها آهي جنهن ۾ تڪليف وڌيڪ هجي." (ڪشف الخفاء ج 1 ص 141) امام شرف الدين نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عبادت ۾ مشقت ۽ خرچ گهڻو هجڻ سان ثواب ۽ فضيلت ۾ بہ

واڌارو ٿي ويندو آهي. (شرح صحيح مسلم للنووي ج 1 ص 390) **حضرت عمر بن عبدالعزيز** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”افضل ترين عمل اهو آهي جنهن جي لاءِ نفسن کي مجبور ٿيڻو پوي“. (اتحاف السادة للزبيدي ج 11 ص 10) **حضرت ابراهيم بن ادهم** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جيڪو عمل دنيا ۾ جيتريقدر ڏکيو هوندو، قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل ۾ اوتري قدر وزندار هوندو.“ (ملخصاً تذڪرة الاولياء ص 96) ها جيڪڏهن ڪنهن جي پنهنجي دل ۾ ئي کوٽ هجي ته ڇا تو چئي سگهجي! حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”**نورالعرفان**“ صفحي 318 تي فرمائن ٿا: ”جنهن کي گناهه آسان معلوم ٿين ۽ نيڪ ڪم ڏکيا، سمجهو اُن جي دل ۾ نفاق آهي. **الله پاڪ** محفوظ رکي.“

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي ڪفن جو به پردو!

**سوال:** چون ٿا ته بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي سندن **ڪفن** تي به ڪنهن غير مرد جي نظر پوڻ پسند نه هو!

**جواب:** بيشڪ ايئن ئي جنت جي عورتن جي سردار، حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هڪ موقعي تي حضرت **اَسْماء بِنتِ عُمَيس** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي فرمايو: ” مون کي اهو طريقو چڱو نٿو لڳي جو عورتن جي جنازي تي مٿان ڪپڙو وجهي ڪٽي ويندا آهن.“ هي ٻڌي انهن چيو: ”مون حبشه ۾ ڏٺو آهي ته جنازي تي وڻ جون ٽاريون ٻَڌي هڪ ڏولي جيان ٺاهي اُن تي پردو وجهي ڇڏيندا آهن. پوءِ پاڻ ڪجيءَ جون ٽاريون گهرائي انهن کي جوڙي ان تي ڪپڙو وجهي **حضرت بيبي فاطمه** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي ڏيکاريو. پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيون ۽ فرمايو: ”هي طريقو تمام ڀلو آهي“ (جڏهن مان وصال ڪري وڃان ته منهنجي

جنازي کي ايئن ڍڪي ڪري ڪنيو وڃي).

(حلية اولياء، ج: 2، ص: 53، قول نمبر: 1455 نه خلاصه)

سُبۡحٰن الله! حضررت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللہ عَنۡهَا جي پردي جي جذبي جي بہ چا ڳالهہ آهي! ڪنهن ڪيڏو نہ پيارو شعر چيو آهي؛

چو زہرا باش از، مخلوق رو پوش
کہ در آغوش شبیرے بہ بینی

(يعني حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللہ عَنۡهَا وانگر پرهيزگار ۽ پرديدار بڻجو تہ جيئن پنهنجي هنج ۾ حضرت امام حسين رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جهڙو اولاد ڏسو. يعني جيڪا عورت حضرت فاطمہ رَضِیَ اللہ عَنۡهَاجي ٻانهي هوندي ان جي اولاد حضرت امام حسين رَضِیَ اللہ عَنۡهُ جي غلام ٿيندي)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيبي فاطمہ رَضِیَ اللہ عَنۡهَا جو پلصراط تي بہ پردو

**سوال:** چا محشر وارا بہ **حضرت بيبي فاطمہ** رَضِیَ اللہ عَنۡهَا ڪي پلصراط تان گذرندي نہ ڏسي سگهندا؟

**جواب:** حضرت مولاءِ علي رَضِیَ اللہ عَنۡهُ کان روايت ڪئي آهي تہ رحمت عالم، نور مُجَسَّم، رَضِیَ اللہ عَنۡهُ فرمايو: ”**جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: اي محشر وارؤ! پنهنجون نگاهون جهڪائي ڇڏيو، تہ جيئن حضرت فاطمہ پل صراط تان گذرن.**

(فضائل الصحابة لا حمد بن حنبل، ج: 2 ص: 763)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عورت جو ميڪ اَپ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** عورت جو هار سينگار ڪرڻ، سوڙهو يا سنهو لباس پائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** گهر جي چوديواري ۾ صرف پنهنجي مڙس جي خاطر جائز طريقي سان ميڪ اپ ڪري سگهي ٿي، شرعي اجازت سان بہ گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ عورت لالي سُرڪي پاؤڊر وغيره ۽ ڦهلجڻ واري خوشبو نہ لڳائي. مَعَاذَالله جتي غير مرد هجن اتي ٺهي سنورجي بي پرده نڪرڻ گناهہ آهي، سنهو رئو جنهن سان وارن جو رنگ ظاهر ٿئي يا سنهي ڪپڙي جا جوراب جنهن سان پيرن جون ڪڙيون نظر اچن يا اهڙو سوڙهو لباس پائي جنهن ۾ سيني جو اُڀار واضح ٿئي، غير محرمن جي سامهون اچڻ وڃڻ گناهہ آهي.

## بي پردهہ ۽ بي حيا عورتن جو انجام

”تفسيرصراط الجنان“ جلد 8 صفحي 22 کان 25 تي آهي: شرم و حيا کان خالي ۽ بي پرده عورتن جو دنياوي انجام تہ هر ڪو معاشري ۾ پنهنجي نگاهن سان ڏسي سگهي ٿو جو عزت دار ۽ باحيا طبقي ۾ انهن جي ڪا قدر ناهي هوندي، (گندي ذهنيت رکندڙ) ماڻهو انهن کي پنهنجي هوس پريل نگاهن جو نشانو بڻائيندا آهن، انهن کي آواز ڏيندا ۽ انهن کان ڇيڙڇاڙ ڪندا آهن، ماڻهن جي نظر ۾ انهن جي حيثيت نفس جي خواهش ۽ حوس پوري ڪرڻ جو ذريعو هجڻ کان سواءِ ڪجهہ ناهي هوندي ۽ اهو ئي سبب آهي جو هوس پوري ٿي وڃڻ کان بعد اهي عورت سان لاتعلقي جو اظهار ڪندا آهن ۽ ڪافي ماڻهن ڏٺو هوندو تہ اهڙي عورت پاڻ طرح طرح جي خطرناڪ مرضن جو شڪار ٿي ويندي آهي ۽ آخرڪار عبرتناڪ موت مري انڌيري قبر

۾ هلي ويندي آهي، اهو تہ انهن جو دنياوي انجام آهي، هتي هاڻي اهڙين عورتن جو اُخروي انجام بہ ٻڌو، جيئن تہ.

## عورت جا جهنم ۾ وڃڻ جا ڪجهہ سبب

**حضرت ابوهريره** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **کان روايت آهي تہ رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن** فرمايو: دوزخين جا بہ قسم اهڙا آهن جن کي مون (پنهنجي زماني ۾) نہ ڏٺو (بلڪ اهي مون کان بعد واري زماني ۾ هوندا) (1) اهي ماڻهو جن وٽ ڳئونءَ جي پڇ وانگر ڪوڙا هوندا جنهن سان اهي ماڻهن کي (ناحق) ماريندا[1] (2) اهي عورتون جيڪي لباس پائڻ جي باوجود اگهاڙيون هونديون، مائل ڪرڻ واريون ۽ مائل ٿيڻ واريون هونديون، اُنهن جا مٿا تلهين ڏاچين جي ڪوهانن وانگر هوندا، اهي جنت ۾ داخل نہ ٿينديون ۽ نہ ان جي خوشبو ماڻينديون جڏهن تہ ان جي خوشبو تمام پري کان ايندي هوندي.

(مسلم، ص: 906، حديث: 5582)

## حديث پاڪ جي شرح

هن حديثِ پاڪ ۾ عورتن جا ٽي ڪم بيان ٿيا آهن جن جي سبب اهي جهنم ۾ وينديون، (1) ”لباس پائڻ جي باوجود اگهاڙيون هونديون.“ يعني پنهنجي جسم جو ڪجهہ حصو ڍڪينديون ۽ ڪجهہ حصو اگهاڙو رکنديون تہ جيئن انهن جو حسن و جمال ظاهر ٿئي يا ايترو سنهڙو ڪپڙو پائينديون جنهن سان انهن جو جسم صاف نظر

---

[1] (مطلب هيءُ آهي تہ اهي ظالم حاڪم يا انهن جا نوڪر ڪوڙا گڏ ڪٽي گهمندا ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ماڻهن کي هن سان ماريندا. ڪنهن انهن کي سلام نہ ڪيو يا انهن جي تعظيم لاءِ نہ اٿيو يا انهن جي ظلم جي تائيد نہ ڪئي تہ ان کي تمام گهڻو ماريندا. (مرأة المناجيح، ج: 5، ص: 290))

ايندو، سو جيتوڻيڪ اهي ڪپڙا پهريل هونديون پر حقيقت ۾ اگهاڙيون هونديون. (2) **”مائل ڪرڻ واريون ۽ مائل ٿيڻ واريون هونديون.“** يعني ماڻهن جي دلين کي پنهنجي طرف مائل (يعني متوجهه) ڪنديون ۽ پاڻ انهن ڏانهن مائل(يعني رغبت ڪنديون) يا رئو پنهنجي مٿي تان ۽ برقعو پنهنجي چهري تان هٽائي ڇڏينديون ته جيئن انهن جا چهرا ظاهر ٿين يا پنهنجين ڳالهين يا گانن سان ماڻهن کي پنهنجي طرف مائل ڪنديون ۽ پاڻ انهن ڏانهن مائل ٿينديون (3) **”اُنهن جا مٿا تلهين ڏاچين جي ڪوهانن وانگر هوندا.“** هن جملي جي تشريح ۽ وضاحتون ته تمام گهڻيون آهن پر بهتر تشريح (يعني وضاحت) هي آهي ته اهي عورتون رستي تي هلندي شرم سان مٿو هيٺ نه ڪنديون بلڪ بي حيائي سان ڳچي بلند ڪري مٿو کڻي هر طرف ماڻهن کي غور سان ڏسنديون هلنديون جيئن اُٺ جي سڄي جسم ۾ پُٺي بلند هوندي آهي ائين ئي انهن جا مٿا بلند رهندا.

(مرقاۃ المفاتيح، ج: 7، ص: 83-84 تحت الحديث: 3524 ملخصاً)

## افسوس بيان ڪيل ٽئي شيون هاڻي عورتن ۾ موجود آهن

جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته انهن ٽنهي مان اها ڪهڙي اهڙي صورت آهي جيڪا اسان جي معاشري جي عورتن ۾ موجود ناهي، غيب جون خبرون ڏيڻ واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي صديون پهريان جيڪا خبر ڏني اها اڄ حرف به حرف پوري ٿيندي نظر پئي اچي ۽ اسان جي معاشري جي عورتن جو حال اهو آهي ته هُو لباس ائين پائينديون آهن جنهن سان انهن جي جسم جو ڪجهه حصو لڪيل

هوندو آهي ۽ ڪجهه حصو ظاهر هوندو آهي، يا انهن جو لباس ايترو سنهو هوندو آهي جنهن سان انهن جي جسم جي رنگت صاف نظر پئي ايندي آهي، يا انهن جو لباس جسم تي ائين فٽنگ ۾ هوندو آهي جنهن سان انهن جي جسماني بناوٽ صاف نظر پئي ايندي آهي اهي بظاهر تہ ڪپڙا پهريل آهن پر حقيقت ۾ اگهاڙيون آهن ڇو تہ لباس پائڻ جو مقصد جسم کي لڪائڻ ۽ ان جي بناوٽ کي نظر اچڻ کان بچائڻ آهي ۽ انهن جي لباس سان ڇوتہ اهو مقصد حاصل نہ پيو ٿئي، انڪري اهي ائين آهن ڄڻ تہ انهن کي لباس پاتل ئي ناهي ۽ انهن جي هلڻ، ڳالهائڻ ۽ ڏسڻ جو انداز ائين هوندو آهي جنهن سان اهي ماڻهن جي دلين کي پنهنجي طرف مائل(يعني راغب) ڪري رهيون هونديون آهن ۽ خود پنهنجو حال بہ اهو هوندو اٿن جو غير مردن ڏانهن گهڻو مائل ٿينديون آهن، پوتيون انهن جي مٿن کان غائب هونديون آهن ۽ (ڪجهہ) برقعا پائڻ واريون نقاب چهري کان هٽائي ڪري هلنديون آهن تہ جيئن ماڻهو انهن جو چهرو ڏسن. اهڙين عورتن کي الله پاڪ جي عذاب ۽ جهنم جي خوفناڪ سزائن کان ڊڄڻ گهرجي. الله پاڪ اسان جي عورتن کي هدايت ۽ عقلِ سليم عطا فرمائي ۽ پنهنجي بگڙيل حالت سڌارڻ جي توفيق نصيب ڪري، اٰمين

## دين اسلام عورت جي پاڪ دامني جو سڀ کان وڏو محافظ آهي

**ياد رهي** تہ هڪ باعزت ۽ حيادار عورت جي لاءِ ان جي عصمت(پاڪ دامني) سڀني کان قيمتي شيءِ آهي ۽ اهڙي عورت جي ويجهو پنهنجي عصمت جي اهميت ايتري گهڻي هوندي آهي جو اها ان کي

لُٽڻ کان بچائڻ جي لاءِ جان تائين قربان ڪري ڇڏيندي آهي ۽ هر عقلمند انسان اها ڳالهه چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته جيڪا شيءِ جيتري قيمتي هوندي آهي ان جي حفاظت جو ايترو ئي اهتمام ڪيو ويندو آهي ايستائين جو انهن تمام سببن ۽ ذريعن کي به ختم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي آهي جيڪي قيمتي شيءِ لٽڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا ۽ دين اسلام ۾ ڇوته عورت جي پاڪ دامني جي اهميت ۽ قدر تمام گهڻي آهي انڪري دين اسلام ۾ ان جي حفاظت جو به ڀرپور اهتمام ڪيو ويو آهي، جيئن دينِ اسلام ۾ عورتن کي اهڙا احڪام ڏنا ويا جن تي عمل نه ڪرڻ عورت جي عزت جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو، مثال طور عورتن ۽ مردن کي حڪم ڏنو ويو ته اهي پنهنجون نظرون ڪجهه جهڪيل رکن، عورتن کي فرمايو ته پنهنجي چادرن جو هڪ حصو پنهنجي چهري تي رکن، پنهنجون پوتيون پنهنجي ڳچيءَ تي وجهي رکن، پڻ جاهليت واري دور ۾ جهڙي بي پردگي ٿيندي هئي اهڙي بي پردگي نه ڪيو، زمين تي پنهنجا پير ان ڪري زور سان نه رکن جو انهن جي ان سينگار جي خبر پوي جيڪو انهن لڪائي رکيو آهي، غير مردن کي پنهنجو سينگار نه ڏيکارين، پنهنجي گهرن ۾ رڪيل رهن، غير مرد کان ڪا ڳالهه ڪرڻ جي ضرورت پئجي وڃي ته نرم ۽ نازڪ لهجي ۽ انداز ۾ ڳالهه نه ڪن وغيره. پوءِ عورتن جي عزت ۽ عظمت بيان ڪرڻ جي لاءِ قرآن ۾ فرمايو ويو ته جيڪي ماڻهو پاڪ دامن عورت تي بدڪاري جي تهمت لڳائن ۽ ان کي شرعي طريقي سان ثابت نه ڪري سگهن ته انهن کي اسي(80) ڪوڙا لڳايا وڃن، انهن جي گواهي ڪڏهن نه مڃي وڃي ۽ اهي ماڻهو فاسق آهن. اڄڪلهه پاڪ دامن، ايمان واري عورتن تي بدڪاري جو بهتان لڳائڻ وارن تي

دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي ۽ انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن وڏو عذاب آهي.

## ”عورت جي آزادي“ جو نعرو لڳائڻ وارن کان بچو

هنن احڪامن مان معلوم ٿيو ته دينِ اسلام عورت ۽ ان جي پاڪ دامني جو سڀ کان وڏو محافظ آهي ۽ هن سان انهن ماڻهن کي نصيحت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي مسلمان چورائڻ جي باوجود **”چادر ۽ چارديواري“** جي تقدس کي اورانگهي عورت جي آزادي جو نعرو لڳائڻ ۽ روشن خيالي جي نالي تي عورت کي هر جڳهه جو سينگار بڻائڻ ۽ **”حقوقِ نسوان“** جي نالي تي هر شعبي ۾ عورت کي مرد جي شانه به شانه (يعني گڏ) بيهارڻ جون ڪوششون ڪري عورتن سان کيڏڻ کي آسان کان آسان بڻائڻ ۾ مصروف آهن ۽ انهن عورتن کي به نصيحت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي پنهنجي عزت ۽ ناموس جي دشمنن، بي علم دانشورن جي فريبي ڳالهين کان متاثر ٿي پاڻ کي خطري تي پيش ڪن ٿيون ۽ پاڻ کي غير محفوظ بڻائن ٿيون. الله پاڪ انهن کي هدايت ۽ عقلِ سليم عطا فرمائي، اٰمين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا پرديدار ڇوڪري جي شادي ناهي ٿيندي؟

**سُوال:** گهروارا پردو ڪرڻ کان اهو چئي ڪري روڪيندا آهن ته، ”ڪاليج جي تعليم کان محروم، فيشن پرستي کان دور، سادي ۽ اسلامي پردو ڪرڻ واري ڇوڪري جو رشتو ناهي ٿيندو.“ ڇا اهو درست آهي؟

**جواب:** اها سوچ غلط آهي، لوحِ محفوظ تي جتي جوڙو لکيل آهي اتي هرحال ۾ شادي ٿي ڪري رهندي ۽ جيڪڏهن ناهي لکيل ته ڪيتري به پڙهيل لکيل ۽ خوب فيشن ڪرڻ واري هجي دنيا جي ڪا طاقت شادي نٿي ڪرائي سگهي، ۽ جيڪڏهن مقدر ۾ دير لکيل آهي ته دير سان ئي شادي ٿيندي. روزانو خبر ناهي ڪيتريون ئي پڙهيل لکيل فيشن ڪرڻ واريون ۽ ڪنواريون حادثن يا بيمارين جي ذريعي موت جي وَر چڙهي ويندريون آهن ۽ ڪيئي نوجوان ڇوڪريون سمنڊ ڪناري ترڻ جي شوق ۾ ٻڏي مرنديون آهن يا بي پردگي ۽ فيشن ڪرڻ جي سبب ”عشق مجازي“ جي چڪر ۾ پاڻ کي ڦاسائي ۽ پوءِ مرضي جي شاديءَ جون واٽون بند ڏسي ڪري خودڪشي ڪري ويهنديون آهن! مسلمانن کي هرگز اها غلط سوچ نه رکڻ گهرجي ته بي پردگي وغيره گناهن جا ذريعا استعمال ڪنداسون تڏهن ته ڪم ٿيندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڏيرِ۽ ياجائيءَ جو پردو

**سوال:** ڇا عورت جو پنهنجي ڏير، پيٽوئي پٽڙ، ماسڙ ۽ ماسات، ماروت، سؤٽ، پڦات کان به پردو آهي؟

**جواب:** جي ها. بلڪ انهن کان ته پردي جي معاملي ۾ احتياط وڌيڪ هجڻ گهرجي ڇوته جاڻ سڃاڻ جي سبب هبڪ ناهي ٿيندي ۽ ائين اڻ جاڻ ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ فتني جو خطرو هوندو آهي پر افسوس! اڄڪلهه انهن کان پردو ڪرڻ جو ذهن ئي ناهي رهيو، جيڪڏهن الله پاڪ جي ڪا نيڪ ٻانهي پردي جي

ڪوشش ڪري بہ تہ ويچاريءَ ڪي طرح طرح سان ستايو ويندو آهي. پر همت نہ هارڻ گهرجي. ناسازگار حالات جي باوجود جيڪا خوش نصيب اسلامي ڀيڻ اسلامي پردو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ جڏهن دنيا مان رخصت ڪري وئي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه ڪرم ئي ڪرم ٿيندو.

## ساهرن ۾ ڪهڙي طرح پردو ڪري؟

**سوال:** ساهرن ۾ ڏير کان ڪهڙي طرح پردو ڪيو وڃي؟ سڄو ڏينهن پردي ۾ رهڻ تمام ڏکيو آهي، گهر جو ڪم ڪار ڪندي وقت پنهنجي چهري کي ڪيئن لڪائي؟

**جواب:** گهر ۾ رهندي بہ بالخصوص ڏيرن جي معاملي ۾ محتاط رهڻو پوندو. "**بخاري شريف**" ۾ حضرت عُقبہ بن عامر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ مڪي مدني مصطفٰي، محبوبِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عورتن وٽ وڃڻ کان بچو. هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول **اللّٰه** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏير جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟ فرمايائون: "**ڏير موت آهي.**" (بخاري ج 3 ص 472 حديث 5232) ڏير جو پنهنجي ڀاڄائيءَ جي سامهون ٿيڻ ڄڻ موت جي سامهون ٿيڻ آهي، جو هِتي فتني جو انديشو وڌيڪ آهي. مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت وقارِ ملت مولانا وقار الدين رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: "انهن رشتيدارن مان جيڪي نامَحرم آهن، چهرو، ترِيون، ڪرائي وارو سَنڌ، پير ۽ مُرين کان علاوه پردو ڪرڻ ضروري آهي، سينگار ڪرڻ بہ انهن جي سامهون ظاهر نہ ڪيو وڃي."

(وقار الفتاويٰ ج 3 ص 151)

## غير عورت جو حسن و جمال ڏسڻ جو عذاب

مَنْقُول[1] آهي: "**جيڪو شخص شهوت (خواهش) سان ڪنهن اَجْنَبِيَّہ جي حُسن ۽ جمال کي ڏسندو قيامت جي ڏينهن اُن جي اکين ۾ شيهو پگهاري وِڌو ويندو.**" (هدايه ج 4 ص 368) يقينًا **پاجائي** بہ ڏاري ئي آهي، جيڪي ڏير ۽ **پاجائي** هڪٻئي کي "لذت" سان ڏسندا رهيا هجن، بي تڪلف ٻٽيا رهيا هجن، مذاق مسخري ڪندا رهيا هجن، اُهي الله پاڪ جي عذاب کان ڊجي فورًا **سچي توبهہ** ڪن، پاجائي جيڪڏهن ڏير کي ڀاءُ چوي ٿي تہ ان سان بي پردگي ۽ بي تڪلفي جائز ناهي ٿي ويندي بلڪ گفتگو جو اهو انداز بہ فاصلا دور ڪري ويجهو آڻيندو آهي ۽ **ڏير ۽ پاجائي** بدنگاهي، بي تڪلفي کِل ٻوڳ وغيره گناهن جي گندگي ۾ وڌيڪ ڦاسندا ويندا آهن، جڏهن تہ **ڏير** ۽ پاجائي جو پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ بہ مسلسل خطري جي گهنٽي وڄائيندو رهندو آهي!

## الله کرے دل میں اُتر جائے مری بات

**ڏير ۽ پاجائي** وغيره خبردار رهن جو حديث شريف ۾ ارشاد آهي: "اَلْعَيْنَانِ تَزْنِيَان" **يعني اکيون زنا ڪنديون آهن.**

(مسند الامام احمد بن حنبل ج 3 ص 305 حديث 8852 )

بهرحال جيڪڏهن هڪ گهر ۾ رهندي عورت جي لاءِ قريبي نامحرم رشتي دارن کان پردو ناممڪن هجي تہ چهرو کولڻ جي تہ اجازت آهي پر ڪپڙا هرگز اهڙا سنها نہ هجن جن مان بدن يا مٿي جا وار وغيره چمڪن يا اهڙا سوڙها نہ هجن جو بدن جا عضوا جسم جي

[1] نقل ڪيو ويو آهي

بيهڪ(يعني صورت ۽ گولائي) ۽ سيني جو اُڀار وغيره ظاهر ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سُوال:** بدنگاهي جو عذاب بيان فرمايو.

**جواب:** ”مُڪاشَفَۃُ القُلُوب“ ۾ بيان ڪيو ويو آهي:”جيڪو پنهنجي اکين کي حرام نظر سان ڀريندو، قيامت جي ڏينهن اُن جي اکين ۾ باهه ڀري ويندي.“

(مڪاشفة القلوب ص 10)

## باهه جي سرائي

**حضرت علامہ عبدُالرّحمٰن بن جَوزي** رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ نقل ڪن ٿا: عورت جي مَحاسِن (يعني حسن و جمال) کي ڏسڻ ابليس جي زهر ۾ ٻُڏل تيرن مان هڪ تير آهي، جنهن نامحرم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اک ۾ قيامت جي **ڏينهن باهه جي سرائي ڦيري ويندي.**

(بحر الدموع ص 171)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا زبان سان چيل ڀاءُ ڀيڻ جو پردو آهي؟

**سوال:** ڇا زبان سان چيل ڀيڻ، ڀاءُ ۽ پٽ وغيره کان بہ عورت جو پردو آهي؟

**جواب:** جي ها! انهن کان بہ پردو آهي جو ڪنهن کي ڀيڻ، ڀاءُ يا زبان سان چيل پٽ ٺاهڻ سان اهو حقيقي ڀيڻ، ڀاءُ ۽ پٽ ناهي بڻجي ويندو، انهن سان تہ نڪاح بہ درست آهي. اسان جي معاشري

۾ **زبان سان چيل رشتن** جو رواج عام آهي ڪو مرد ڪنهن ڪي ”ماءُ“ بڻايو وينو آهي، ڪا ڇوڪريءَ ڪنهن کي ”ياءُ“ بڻائي ويٺي آهي تہ ڪنهن عورت ڪنهن کي ”پٽ“ بڻائي ورتو آهي، ڪو ڪنهن جوان ڇوڪريءَ جو **زبان سان چيل چاچو** آهي تہ ڪو **زبان سان چيل پيءُ** ۽ پوءِ بي پردگين، پاڻ ۾ کل يوڳ ۽ بي تڪلفين وغيره جي گناهن جو اُهو سيلاب (اٿندو) آهي جو اَلاَمان وَالحَفِيظ. **صِنْفِ مُخالِف** (يعني مرد جو عورت سان ۽ عورت جو مرد) سان زبان سان چيل رشتا قائم ڪرڻ وارن ۽ وارين کي **الله** پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي. ۽ مرد عورت کي اهڙي طرح جا زبان سان چيل رشتا ناهڻ ئي نہ گهرجن. يقيناً شيطان پهريان کان ڇئي ڪري حملو ناهي ڪندو.

**فرمانِ مصطفي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي!: ”دنيا ۽ عورتن کان بچو ڇوتہ بني اسرائيل ۾ سڀ کان پهريون فتنو عورتن جي سبب کان اُٿيو.“

(مسلم، ص 1124، حديث: 6948)

## هنج ورتل ٻار جو حڪم

**سوال:** ڪنهن جو ٻار هنج وٺي سگهجي ٿو يا نہ؟

**جواب:** وٺي تہ سگهجي ٿو، پر اُهو نامَحرم هجي تہ جڏهن کان عورتن جا ”معاملا“ سمجهڻ لڳي، اُن کان پردو ڪيو وڃي. هنج ورتل ٻارڙي نامَحرم مرد کان پردو ڪندي. فقهاءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: مُشْتَهاة (يعني قريب البُلُوغ ڇوڪريءَ) جي گهٽ ۾ گهٽ عمر (هجري سال جي مطابق) نَو سال ۽ مُراهق(يعني قريب البلوغ ڇوڪري) جي(هجري سال جي حساب سان) ٻارهن سال آهي.

(ردالمحتار ج 4 ص 118)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”نوَ سالن کان گهٽ عمر جي ڇوڪريءَ کي پردي جي ضرورت ناهي ۽ جڏهن 15 سالن جي ٿئي (ته) سيني غير محرمن کان پردو واجب (آهي) ۽ نو سالن کان پندرهن سالن تائين جيڪڏهن بالغ ٿيڻ جون نشانيون ظاهر ٿين ته (به پردو) واجب (آهي) ۽ ظاهر نه ٿين ته مستحب، خاص ڪري ٻارهن سالن کان پوءِ تمام سخت تاڪيد آهي ڇوته اهو زمانو بالغ ٿيڻ جي ويجهو ۽ ڪمالِ اِشۡتِها جو آهي (يعني 12 سالن جي عمر جي ڇوڪريءَ جي بالغ ٿيڻ ۽ شهوت جي ڪمال تائين پهچڻ جو قريبي دؤر آهي)

(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 639)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هنج ورتل کان پردو جائز هئڻ جي صورت

**سوال:** ننڍپڻ کان عادي ٻارن جي سمجهدار ٿيڻ تي”**پردو**“ نافذ ڪرڻ انتهائي ڏکيو معلوم ٿئي ٿو. ڪا اهڙي صورت هجي ته ٻڌايو جو ٻار هنج ونجي ته جوان ٿيڻ تي پردو واجب نه ٿئي؟

**جواب:** ان جي صورت هي آهي ته جيڪو ٻار يا ٻارڙي هنج ورتي آهي، ان سان ڪير جو رشتو قائم ڪري وني. پر ڪير جو رشتو قائم ڪرڻ ۾ اها ڳالهه سامهون رکڻ ضروري آهي ته جيڪڏهن ٻارڙي هنج ونٺي هجي ته مڙس سان رضاعت جو رشتو قائم ڪيو وڃي مثلاً مڙس جي ڀيڻ يا ڀاٽيجي يا ڀائيٽي ان ٻارڙيءَ کي پنهنجو کير پياري ڇڏي ۽ جيڪڏهن ڇوڪرو هنج ونٺو هجي ته زال ان سان پنهنجو رضاعت جو رشتو قائم ڪري مثلاً زال پاڻ يا زال جي ڀيڻ يا ڌيءَ يا ڀاٽيجي يا ڀائيٽي اِن ٻار کي پنهنجو کير پياري ڇڏي. اهڙي

طرح ٻنهي صورتن ۾ زال ۽ مڙس ٻنهي جي لاءِ پردي جا مسئلا حل ٿي ويندا، اهو ياد رهي جڏهن ٻه ڪير جو رشتو قائم ڪرڻو هجي ته ٻار کي (هجري سال جي حساب سان) ٻن سالن جي عمر تائين ڪير پياريو وڃي. اُن ڪان پوءِ ڪير پيارڻ جائز ناهي بلڪ ماءُ جي لاءِ پنهنجي سڀني اولاد کي به ٻن سالن جي عمر ڪان پوءِ ڪير پيارڻ جائز ناهي پر اڍائي سال جي عمر جي اندر جيڪڏهن ٻار ڪنهن عورت جو ڪير پي وٺي ته ڪير جو رشتو قائم ٿي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيرءِ مريدياڻي جو پردو

**سوال:** ڇا مريدياڻي ۽ پير جو به پردو آهي؟

**جواب:** جي ها، نامحرم پير ۽ عورت جو به پاڻ ۾ پردو آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”پردي بابت پير ۽ غير پير، هر اجنبيءَ جو حڪم هڪ جهڙو آهي“.

(فتاويٰ رضويه ج 22 ص 205)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ضرورت وقت غير مرد سان گفتگو جو انداز ڪيئن هجي؟

**سوال:** عورت ضرورت وقت مرد ڪان ڪهڙي انداز سان گفتگو ڪري؟

**جواب:** 22 سيپاري سورة الاحزاب جي آيت نمبر 32 ۾ ارشاد آهي:

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّ قُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۳۲﴾

(پ 22 الاحزاب 32)

**ترجموڪنزالعرفان:** اي نبي جون بيبيون! توهان ٻين عورتن جهڙيون نہ آهيو. جيڪڏهن توهان الله کان ڊڄو ٿيون تہ ڳالهائڻ ۾ اهڙي نرمي نہ ڪيو جو دل جو مريض ماڻهو ڪجهہ لالچ ڪري ۽ توهان چڱي ڳالهہ چئو.

هن مبارڪ آيت جي حوالي سان ”تفسيرِصِراط الجنان“ ۾ آهي (اِنِ اتَّقَيْتُنَّ: جيڪڏهن توهان الله کان ڊڄو ٿيون) آيت جي هن حصي ۾ ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ (يعني حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بيبين) کي ”هڪ ادب“ جي تعليم ڏني وئي آهي تہ جيڪڏهن توهان الله پاڪ جي حڪم جي ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا جي مخالفت ڪرڻ سان ڊڄنديون هجو تہ جيڪڏهن ڪنهن ضرورت جي ڪري غير مرد سان پردي پٺيان گفتگو ڪرڻي پئجي وڃي تہ ان وقت اهڙو انداز اختيار ڪيو جنهن سان لهجي ۾ نزاڪت نہ اچڻ گهرجي ۽ ڳالهہ ۾ نرمي نہ هجي بلڪ نهايت سادگي سان ڳالهہ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن دين ۽ اسلام جي ۽ جيڪي تعليم ۽ وعظ و نصيحت جي ڳالهہ ڪرڻ جي ضرورت پيش اچي تڏهن بہ نرم ۽ نازڪ لهجي ۾ نہ هجي.

(تفسير ابو سعود، ج: 4، ص: 319-320، مدارڪ، ص: 940، جمل، ج: 6، ص: 170 ملتقطاً)

## ڪا بہ عورت غير مرد کان نرم لهجي ۾ نہ ڳالهائي

علّامہ احمد صَاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ اُمت جون مائرون آهن ۽ ڪو بہ شخص پنهنجي ماءُ جي باري ۾ بري ۽ شهوت واري سوچ رکڻ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهي، ان جي

باوجود ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ عَنْهُنّ کي ڳالهائيندي وقت نرم لهجو اپنائڻ کان منع ڪيو ويو ته جيئن جيڪي ماڻهو منافق آهن اهي ڪا لالچ نه ڪري سگهن ڇو ته انهن جي دل ۾ الله پاڪ جو خوف ناهي هوندو جنهن سبب انهن جي طرفان ڪنهن بري لالچ جو خوف هو! انڪري نرم لهجو اپنائڻ کان منع ڪري اهو ذريعو ئي بند ڪيو ويو. (تفسير صاوي، ج: 5، ص: 1637) هن مان واضح ٿيو ته جڏهن ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ عَنْهُنّ جي لاءِ اهو حڪم آهي ته ٻين عورتن جي لاءِ هي حڪم ڪيتري قدر سخت هوندو جو ٻين جي لاءِ ته فتنن جا موقعا اجا وڌيڪ آهن.

## پاڪدامني ۽ پارسائي جي حفاظت ڪرڻ وارين عورتن جي شان لائق ڪم

هن آيت مان معلوم ٿيو ته پنهنجي پاڪدامني ۽ پارسائي جي حفاظت ڪرڻ وارين عورتن جي شان جي لائق اهو ئي آهي ته جڏهن انهن کي ڪنهن ضرورت، مجبوري ۽ حاجت جي سبب ڪنهن غير مرد سان ڳالهائڻو پئجي وڃي ته انهن جي لهجي ۾ نزاڪت نه هجي ۽ آواز ۾ به نرمي ۽ لچڪ نه هجي بلڪ انهن جو لهجو اڻ ڇاتل هجي ۽ آواز ۾ بي تعلقي ظاهر هجي، ته جيئن سامهون وارو ڪا بري لالچ نه ڪري سگهي ۽ ان جي دل ۾ شهوت(بري خواهش) پيدا نه ٿئي ۽ جڏهن سَيِّدُ الْمُرسلين صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نگراني تحت زندگي گذارڻ وارين امت جي مائرن ۽ پارسائي ۽ پاڪدامني جون سڀ کان وڌيڪ محافظ مقدس عورتن کي اهو حڪم آهي ته اهي نازڪ لهجي ۽ نرم انداز سان نه ڳالهائن ته جيئن شهوت وارن کي لالچ جو ڪو موقعو نه ملي ته ٻين عورتن جي لاءِ جيڪو حڪم هوندو ان جو اندازو هر

عقل مند انسان آساني سان لڳائي سگھي ٿو.

## پاڪيزه معاشري جي قيام ۾ دينِ اسلام جو ڪردار

دينِ اسلام کي اهو اعزاز حاصل آهي ته ان پاڪيزه معاشري جي قيام جي لاءِ پڻ جيڪي شيون هن راهه ۾ رڪاوٽ آهن، انهن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ نهايت سنا ۽ اثر ڪندڙ قدم کنيا آهن. فحاشي، عرياني ۽ بي حيائي پاڪيزه معاشري جي لاءِ قتل ڪندڙ زهر جي حيثيت رکن ٿا، دينِ اسلام جتي انهن شين کي ختم ڪرڻ تي گھڻو زور ڏنو اتي انهن ذريعن ۽ اسبابن کي ختم ڪرڻ جي طرف به توجهه ڪئي جنهن سان فحاشي، عرياني ۽ بي حيائي ڦهلجي سگھي ٿي، جيئن عورتن جو نرم ۽ نازڪ لهجي ۾ ڳالهائڻ مردن جي دل ۾ شهوت (يعني گندي خواهش) جو ٻج پوکڻ ۾ نهايت ڪارگر آهي ۽ فحاشي ۽ بي حيائي جي طرف مائل ڪرڻ واريون عورتون شروع ۾ انهيءَ شيءِ جو سهارو وٺنديون آهن، ان ڪري اسلام ان ذريعي کي ئي بند ڪرڻ جو فرمائي ڇڏيو ته جيئن معاشرو پاڪيزه رهي ۽ ان جون بنيادون مضبوط ٿين. افسوس! اسان جي معاشري ۾ آزادي، روشن خيالي ۽ معاشي ترقي جي نالي تي عورتن کي غير مردن سان گڏ ڳالهائڻ جا نوان نوان موقعا پيش ڪيا پيا وڃن ۽ عورتن کي نازڪ لهجي ۽ نرم انداز سان ڳالهائڻ جي باقائده تربيت ڏئي ڪري تعليم، طب، سفر، ميڊيا ۽ ٽيلي ڪام وغيره جي مختلف شعبن ۾ تعينات ڪيو ويندو آهي ايستائين جو دنياوي شعبن ۾ عوامي رهنمائي ۽ خدمت جو شايد ئي ڪو اهڙو شعبو هجي جتي تربيت يافته عورت موجود نه هجي ۽ ان جو نتيجو سڀني جي سامهون آهي ۽ اهڙيون عورتون چڱي ريت ڄاڻن ٿيون ته انهن کي ٻين عورتن جي

مقابلي ۾ شهوت پرست(يعني گندي خواهش رکڻ وارن) مردن سان ڪيترو واسطو پوندو آهي.

الله ڪريم ماڻهن کي عقلِ سليم ۽ هدايت عطا فرمائي ۽ دينِ اسلام جي فطري تعليم کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، اٰمين

(صراط الجنان، ج: 8، ص: 6 نه 18)

ياالله پاڪ! حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جي حيادار چادر جو صدقو! تمام مسلمان عورتن کي اسلامي پردو ڪرڻ جي سعادت نصيب فرماءِ. اٰمين.

تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي 397 صفحن جي ڪتاب"پردي جي باري ۾ سوال جواب" ضرور پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ، وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن۔

# عورت جي چادر ٻہ نہ ڏسو

ٻئين صدي جو تابعي بُزُرگ حضرت عَلا بن زياد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ (وفات: 194 هجري) فرمائن ٿا: عورت جي چادر تي بہ نظر نہ وجهو، جو تہ نظر دل ۾ شَهْوَت(مخصوص خواهش) پيدا ڪندي آهي.

(الزهد لاحمد بن حنبل، قول نمبر 1428)


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net